# SINDH ACT NO.XVIII OF 2014

# The Sindh Local Government (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII، مجريه 2014

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2014

## فهرست (Contents)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short Title and Commencement)

2. حڪم نامه نمبر XV مجريه 2013 جي منسوخي.

Repeal of Ordinance No. XV of 2013.

3. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 جي دفعه 2 ۾ ترميم .

Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XLII of 2013.

4. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 جي دفعه 10 ۾ ترميم.

Amendment of Section 10 of Sindh Act No. XLII of 2013.

5. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 جي دفعه 11 جي نيڪالي.

Omission of Section 11 of Sindh Act No. XLII of 2013.

6. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 جي دفعه 18 ۾ ترميم.

Amendment of Section 18 of Sindh Act XLII of 2013.

7. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 جي دفعه 18_A جو اضافو.

Insertion of Section 18_A in Sindh Act No. XLII of 2013.

8. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2013 ۾ دفعه 31_A جو اضافو.

Insertion of Section 32 in Sindh Act No. XLII of 2013.

9. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 32 ۾ اضافو.

Amendment of Section 32 of Sindh Act No. XLII 2013.

10. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 36 ۾ ترميم.

Amendment of Section 36 of Sindh Act No. XLII of 2013.

11. سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 39 ۾ ترميم.

Amendment of Section 39 of Sindh Act XLII of 2013.

# SINDH ACT NO.XVIII OF 2014

# The Sindh Local Government (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII، مجريہ 2014

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2014

[28 آڪٽوبر 2014]

سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ کي بدلائڻ وارو ايڪٽ.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن تہ مناسب سمجهيو وڃي ٿو تہ سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 کي هيٺ ڄاڻايل نموني سان بدلايو وڃي.

ان ڪري، اهو هن ريت جوڙجي ٿو:-

**مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.**

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، مجريہ 2014 (The Sindh Local Government (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

**حڪم نامہ نمبر XV مجريہ 2013 جي منسوخي. Repeal of Ordinance No. XV of 2013.**

2. هن سان سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، مجريہ 2013 (Ordinance No.XV of 2013) 1965 منسوخ ٿي ويندو.

**سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 2 ۾ ترميم. Amendment of Section 2 of Sindh Act No.XLII ..of 2013**

3. سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ مجريہ 2013 جي دفعہ 2 ۾ شق نمبر (Li) کانپوءِ هي اضافو ڪيو ويندو.

"(Li_a) "سياسي جماعت" جو مطلب هوندو شهرين جي اها جماعت يا انهن جماعت جو اهو جوڙ جيڪو تبليغ خاطر يا سياسي راءِ تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ ٺاهي وڃي ۽ ڪنهن چونڊيل پبلڪ آفيس، ميمبر شپ يا قانون ساز اداري يا ڪنهن ڪائونسل لاءِ چونڊن ۾ حصو وٺي."

**سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 10 ۾ ترميم. Amendment of**

4. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 10 ۾.

(i) حاشيءَ ۾ ڏنل نوٽ "يونين ڪائونسلن جون حد بنديون"، لاءِ حاشييءَ ۾ ڏنل

نوٽ ”نئيون يونين ڪائونسلون يا يونين ڪاميٽيون ناهڻ“ ڪي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (1) ۾ ”يونين ڪائونسل“ لفظن ڪانپوءِ ” يا يونين ڪميٽي“ لفظن جو اضافو ڪيو ويندو.

(iii) ذيلي دفعہ (2) جي شقن (a)، (b) ۽ (c) ۾ لفظن ”يونين ڪائونسل“ ڪانپوءِ ”يا يونين ڪاميٽي“ وڌا ويندا.

Section 10 of Sindh Act No. XLII of 2013.

5. تبديلي هيٺ ايندڙ ايڪٽ مان دفعہ 11 ڪڍيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 11 جي نيڪالي.
Omission of Section 11 of Sindh Act No. XLII of 2013.

6. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 18 مان ذيلي دفعہ (10) ۽ ان جي پهلوئن کي ڪڍيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 18 ۾ ترميم.
Amendment of Section 18 of Sindh Act XLII of 2013.

7. تبديلي هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 18 کانپوءِ هيٺئن اضافو ڪيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 18_A جو اضافو.
Insertion of Section 18_A in Sindh Act No. XLII of 2013.

“18_A”

(1) يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪاميٽيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ڪائونسل لاءِ عورت، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم لاءِ مخصوص سيٽن لاءِ چونڊ ۾ حصو وٺندڙ سياسي پارٽي ڪميشن طرفان مقرر ڪيل مدي اندر پنهنجي اميدوارن جا نامينشن پيپر پريندي، ان لاءِ عورت، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم لاءِ مخصوص ڪيل سيٽن لاءِ اوليت جي بنياد تي پنهنجي اميدوارن جي لسٽ ناهي ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر (District Returning Officer) کي پيش ڪندي، جيڪو انهن مقرر ڪيل مخصوص سيٽن لاءِ رٽرننگ آفيسر طور ڪم ڪندو.

(2) اهڙيون لسٽون هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ جيڪي رٽرننگ آفيسر کي پيش ڪيون ويندين، سي عوام جي ڄاڻ لاءِ وڏي پئماني شايع ڪرايون

ويندا.

(3) سياسي پارٽين طرفان عورت، هاري، يا مزدور ۽ غير مسلم سيٽن جي اميدوارن جون لسٽون، جن جو حوالو هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) ۾ اچي ٿو تن ۾ پارٽيون پنهنجي مرضيءَ سان اميدوارن جا جيترا نالا چاهين تہ ڏئي سگهن ٿيون تہ جيئن جيڪڏهن نامينشن پيپرن جي جاچ پڙتال وقت ڪو نااهل ٿئي تہ اوليت جي بنياد تي ٻئي نمبر واري جا پيپر جاچي سگهجن، يا جڏهن ڪائونسل جي سيٽ خالي ٿي پئي تہ ان جي لاءِ ڪنهن ٻئي اميدوار جو نالو ڏئي سگهجي.

(4) جيڪڏهن موت، استعيفيٰ يا ميمبر جي نااهل ٿيڻ ڪارڻ عورت، هاري يا مزدور ۽ غير مسلم واري مخصوص سيٽ خالي ٿي پئي تہ اها سياسي پارٽين طرفان پيش ڪيل اميدوارن جي لسٽ مان ٻئي نمبر واري اميدوار طرفان پري ويندي تہ جيئن اهو نامينيشن پيپر پرائي چونڊ وڙهي. اها لسٽ هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ اڳ ۾ ئي رٽرننگ آفيسر کي پيش ڪئي وئي هوندي.

(5) عورت، هاري، مزدور ۽ غير مسلم لاءِ مخصوص سيٽ لاءِ بيهندڙ هر هڪ اميدوار پنهنجو نامينيشن پيپر ۽ ٻيا لاڳاپيل دستاويزات ڪميشن طرفان مقرر ڪيل رٽرننگ آفيسر کي پيش ڪندو جيڪي هوندا:-

(الف) سياسي پارٽيءَ طرفان جاري ڪيل اميدوارن جي نالن جي لسٽ.

(ب) اميدوار بيهڻ لاءِ قاعدن قانونن مطابق لاءِ گهربل وضاحت نامو (Declaration) ۽ بيان (Statements).

(ت) قائدن قانونن مطابق نامينيشن پيپر پرڻ لاءِ گهربل في

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 ۾ دفعہ 31-A جو اضافو.
Insertion of Section 32 in Sindh Act No. XLII of 2013

8. تبديل ٿيندڙ ايڪٽ جي باب V ۾ دفعہ 32 کان اڳ ۾ نئون دفعہ 31-A شامل ڪيو ويندو:

"31-A (1) مڪاني حڪومت جي چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن طئي شده طريقي سان يونين ڪائونسلن، يونين ڪاميٽين، ميونسپل ڪاميٽين، ٽائون ڪاميٽين ۽ ڪارپوريشن جون حدون مقرر ڪندي. "

(2) شهري ايراضيءَ ۾ حدون مقرر ڪرڻ لاءِ، جيئن مناسبت لڳي، آدمشماريءَ جي بلاڪ يا ويجهڙائيءَ وارن آدمشماريءَ وارن بلاڪن کي ملايو ويندو.

(3) يونين ڪائونسل يونين ڪاميٽيءَ وارڊ جي حدبنديءَ لاءِ، جيئن

مناسب هوندو تہ سموري ديهہ يا ان جو حصو آدمشماريءَ جو بلاڪ يا ويجهڙائيءَ وارن ڳوٺن يا آدمشماريءَ وارن بلاڪن کي ملايو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 32 ۾ اضافو.
Amendment of Section 32 of Sindh Act No. XLII 2013

9. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعہ 32 ۾

(1) شق (b) ۾ "گورنمينٽ" لفظ بدران "اليڪشن ڪميشن" رکيو ويندو.

(2) شق نمبر (b) ۽ (c) ۾ "يونين ڪائونسلن" جي لفظن کانپوءِ "يونين ڪاميٽيون" لفظ وڌا ويندا.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 36 ۾ ترميم.
Amendment of Section 36 of Sindh Act No. XLII of 2013

10. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعہ 36 ۾ ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ هي اضافو ڪيو ويندو:-

"(2) ڪوبہ"

(الف) جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن ڏٺو تہ هن ايڪٽ جي ذيل دفعہ (1) جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي، تہ اهو چئن سالن تائين ڪائونسل جي چونڊن لاءِ اميدوار بيهڻ کان نااهل ٿي ويندو.

(ب) جيڪو ڪنهن ڪائونسل جي ميمبر طور چونڊيو ويو آهي، يا ڪنهن ڪائونسل جو اڳ ئي چونڊيل ميمبر آهي، پر اليڪشن ڪميشن هن کي هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏسي ٿي تہ اهو چونڊجي آيل يا اڳ چونڊيل ميمبر چئن سالن تائين اميدوار جي حيثيت ۾ نااهل ٿي ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريہ 2013 جي دفعہ 39 ۾ ترميم.
Amendment of Section 39 of Sindh Act XLII of 2013

11. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 39 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ "ڪائونسلن" جي لفظ کي "لاڳاپيل ڪائونسل" سان بدلايو ويندو.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**